هفتيوار رسالو

# بي حساب مغفرت ڪرائڻ وارا عمل

## (قسط:1)



اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَ الصَّلٰوةُ وَ السَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

## ڪتاب پڙهڻ جي دعا

ديني ڪتاب يا اسلامي سبق پڙهڻ کان پهريان هيٺ ڏنل دعا پڙهي ڇڏيو اِنْ شَآءَاللّٰه جيڪو ڪجهہ پڙهندا ياد رهندو، دعا هي آهي:

**اَللّٰهُمَّ افْتَحْ عَلَيْنَا حِكْمَتَكَ وَانْشُرْ عَلَيْنَا رَحْمَتَكَ يَا ذَاالْجَلَالِ وَالْاِكْرَام**

**ترجمو: اي الله عَزَّوَجَلَّ اسان تي علم ۽ حڪمت جا دروازا کولي ڇڏ ۽ اسان تي پنهنجي رحمت نازل فرماءِ! اي عظمت ۽ بزرگي وارا!**

(مستطرف ج١ ص٤٠ دار الفكر بيروت)



طالب غم مدينہ بقيع و مغفرت

**(نوٽ: اول آخر هڪ هڪ ڀيرو درود شريف پڙهي ڇڏيو)**

رسالي جو نالو: **بي حساب مغفرت ڪرائڻ وارا عَمَلَ (قسط: 1)**

ڇاپو پهريون:

تعداد:

ڇاپيندڙ: مڪتبة المدينہ عالمي مدني مرڪز فيضانِ مدينہ بابُ المدينہ ڪراچي

**مدني التجا: ڪنهن کي بہ هي ڪتاب ڇاپڻ جي اجازت ناهي**

**ڪتاب خريد ڪندڙ توجهہ فرمائن**

ڪتاب جي ڇپائي ۾ ڪا وڏي خرابي هجي يا صفحا گهٽ هجن يا بائنڊنگ ۾ اڳتي پوئتي ٿي ويا هجن تہ مڪتبة المدينہ سان رابطو فرمايو.

# بي حساب مغفرت ڪرائڻ وارا عَمَلَ (قسط:6)

## پيشڪش

**اسلامڪ ريسرچ سينٽر المدينة العلميه**(دعوت اسلامي)

## ترجمو

**ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ** (دعوت اسلامي)

هن رسالي جو آسان سنڌي زبان ۾ ترجمي ڪرڻ جي وس آهر ڪوشش ڪئي آهي. جيڪڏهن ترجمي يا ڪمپوزنگ ۾ ڪٿي ڪا ڪمي بيشي نظر اچي ته ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ کي آگاهه ڪري ثواب جا حقدار بڻجو.


**رابطي جي لاءِ:**

**ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ (دعوت اسلامي)عالمي مدني مرڪز فيضان مدينہ محلہ سوداگرانپراڻي سبزي منڊي باب المدينہ ڪراچي**

UAN:☎ +92-21-111-25-26-92 – Ext. 7213

**Email:** translation@dawateislami.net

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَ الصَّلٰوةُ وَ السَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ ط
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ط بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ط

# بي حساب مغفرت ڪرائڻ وارا عَمَلَ (قسط:1)

**عطار جي دعا:** ياالله پاڪ! جيڪو بہ **17** صفحن جو رسالو **”بي حساب مغفرت وارا عَمَلَ (قسط: 1)“** پڙهي يا ٻڌي، ان کي اهڙا عمل ڪرڻ جي توفيق عطا فرماءِ جو سندس ايمان تي خاتمو ٿئي ۽ ماءُ پيءُ سميت بي حساب مغفرت سان نوازيو وڃي. اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم.

## (درود شريف جي فضيلت)

آخري نبي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمان: جنهن ڏينهن ۽ رات ۾ مون تي شوق ۽ محبت سان ٽي ٽي دفعا درود پاڪ پڙهيو، الله پاڪ تي حق آهي تہ هُو ان جي ان ڏينهن ۽ ان رات جا گناهہ معاف ڪري ڇڏي.

(معجم ڪبير، 362/18، حديث: 928)

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب ❀❀❀❀ صَلَّى اللّٰهُ علٰى مُحَمَّد

## عُڪاشہ بازي ڪٽي ويو

صحابيءِ رسول حضرتِ سيِّدُنا عبدالله بن عباس رَضِىَ اللّٰهُ عَنْهُمَا بيان ڪن ٿا تہ هڪ ڏينهن رسول الله صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اسان وٽ تشريف ڪٽي آيا ۽ ارشاد فرمايائون: مون تي مختلف اُمتون پيش ڪيون ويون، تہ ڪو نبي ائين گذريو جو ان سان گڏ فقط هڪ ئي شخص هو، ڪنهن نبيءَ سان بہ ماڻهو، ڪنهن نبيءَ سان هڪ جماعت هئي ۽ ڪنهن نبيءَ سان ڪو بہ گڏ نہ هو. پوءِ مون هڪ وڏو ميڙ (Crowd) ڏٺو، جنهن زمين جي ڪنارن کي پري ڇڏيو هو. مون کي اميد پيدا ٿي تہ اها منهنجي اُمَّت آهي. مون کي ٻڌايو ويو تہ هي حضرت موسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام ۽ سندس قوم آهي.

پوءِ مون کي چيو ويو ڏسو ته مون هڪ تمام وڏو ميڙ ڏٺو، جنهن زمين جي ڪنارن کي پري ڇڏيو هو. مون کي ٻيهر چيو ويو: (هيڏانهن) ڏسو، (هوڏانهن) ڏسو، مون (هيڏانهن هوڏانهن) ڏٺو ته هڪ تمام وڏو ميڙ هو، جنهن زمين جي ڪنارن کي پري ڇڏيو هو. مون کي ٻڌايو ويو ته هيءَ توهان جي اُمَّت آهي ۽ "هنن سان گڏ 70 هزار ٻيا به آهن، جيڪي بغير حساب ڪتاب جي جنت ۾ داخل ٿيندا." اهو ٻڌي (صحابيءِ رسول) حضرت عُڪَّاشه بن مِحۡصَن رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُ عرض ڪيو: يارسول الله صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! ڇا مان به انهن ماڻهن (جيڪي بغير حساب ۽ ڪتاب جي جنت ۾ داخل ٿيندا) ۾ آهيان ته الله پاڪ جي عطا سان غيب جون خبرون ٻڌائڻ واري پياري پياري آخري نبي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: ها! پوءِ هڪ ٻئي شخص عرض ڪيو: ڇا مان به انهن مان آهيان؟ ارشاد فرمايائون: عُڪاشه توکان گوءِ کٽي ويو.
(بخاري، 35/4، حديث: 5752)

بِلا حساب ہو جنّت میں داخِلہ یارب
پڑوس خُلد میں سرور کا ہو عطا یارب
(وسائلِ بخشش، ص 82)

صَلُّوا عَلَى الۡحَبِيب ❀ ❀ ❀ ❀ صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## نسلن جا نسل بي حساب جنت ۾

حضرت سَهل بن سَعد رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُ جو بيان آهي ته مون نبي پاڪ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي فرمائيندي ٻڌو ته بيشڪ منهنجي اصحابن جي نسلن ۾ اهڙا مرد ۽ عورتون هوندا، جيڪي بغير حساب و ڪتاب جي جنت ۾ داخل ٿيندا. پوءِ پاڻ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم هيءَ آيتِ مبارڪ تلاوت فرمائي

﴿ وَّ اٰخَرِيۡنَ مِنۡهُمۡ لَمَّا يَلۡحَقُوۡا بِهِمۡ ؕ ﴾
(پارو: 28، سورة الجمعة: 3)

**ترجمو ڪنزالعرفان:** ۽ انهن کان (بعد وارن) ٻين ماڻهن کي (به هي رسول پاڪ ڪري ۽ علم ڏئي ٿو) جيڪي انهن (موجوده ماڻهن) سان اڃان ناهن مليا آهن. (معجم ڪبير، 201/6، حديث: 6005)

ہر صحابی نبی جنّتی جنّتی
سب صحابیات بھی جنّتی جنّتی

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیب ❀❀❀❀ صَلَّی اللّٰہُ علٰی مُحَمَّد

## تون بي حساب بخشش فرماءِ

حضرت ابو اُمامه رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ جو بيان آهي تہ مون الله پاڪ جي پياري نبي صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم کي فرمائيندي ٻڌو تہ منهنجي رب ڪريم مون سان واعدو فرمايو آهي تہ هو منهنجي اُمت مان 70 هزار ماڻهن کي بغير حساب ۽ عذاب جي جنت ۾ داخل فرمائيندو. انهن مان هر هزار سان 70 هزار ٻيا بہ هوندا ۽ منهنجي رب ڪريم جي ٻُڪَن مان (جيئن سندس شان جي لائق آهي) ٽي ٻُڪَ (اجان وڌيڪ بہ هوندا). (ترمذي، 198/4، حديث: 2445)

**شرح حديث:** پهريان ستر هزار تہ اهي هئا، جيڪي پنهنجي نيڪ عملن جي ڪري بغير حساب جي جنتي ٿيا ۽ ٻيا ستر هزار اُهي آهن، جيڪي انهن پهرين جي وسيلي، انهن جي خدمت ۽ قرب جي ڪري بغير حساب جي جنت ۾ ويا. گلدستي ۾ گلن سان گڏ گاهہ ٻڌجي ويندو آهي تہ اهو بہ عزت وارو ٻڌجي ويندو آهي، يعني انهن مان هر هڪ سان بيشمار ماڻهو هوندا، جيڪي انهن جي صدقي بخشيا ويندا. ٻُڪَ مان مراد آهي بي انداز، چو تہ جڏهن ڪنهن کي بغير ڳڻپ يا بغير تورَ ۽ ماپَ جي ڏيڻو هوندو آهي تہ اُتي ٻُڪَ پري ڏنا ويندا آهن، يا ائين ڪٿي چئون تہ هيءَ حديث مُتشابهات مان آهي، هُونئن تہ رب تعالیٰ هٿن ۽ ٻُڪَن کان پاڪ آهي. (مراٰة المناجيح، 392/7، 393)

مجھے بخش دے بے سبب یاالٰہی نہ کرنا کبھی بھی غضب یاالٰہی
(وسائلِ بخشش،ص111)

## هر هزار سان گڏ 70 هزار جنتي

نبي پاڪ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: بيشڪ منهنجي رب ڪريم مون کان منهنجي امت جي باري ۾ منهنجي راءِ طلب فرمائي تہ مان انهن سان ڇا

ڪريان؟ مون عرض ڪيو: اي منهنجا رب! تون جيڪو چاهين سو ڪر، چو ته اهي تنهنجي مخلوق ۽ تنهنجا ٻانها آهن. الله پاڪ ارشاد فرمايو: ”اي محمد! اسان توکي تنهنجي امت جي معاملي ۾ غمگين نه ڪنداسين.“ ۽ الله ڪريم مون کي خوشخبري ڏني ته سڀ کان پهريان منهنجي امت مان 70 هزار جنت ۾ داخل ٿيندا ۽ انهن مان هر هزار سان گڏ 70 هزار ٻيا به هوندا، انهن سڀني سان کو حساب ۽ ڪتاب نه ٿيندو. (مسند احمد، 94/9، حديث: 23396)

هڪ ٻي روايت ۾ آهي: بيشڪ مان اميد ٿو ڪريان ته اهي ماڻهو ان وقت تائين جنت ۾ داخل نه ٿي سگهندا، جيستائين تون ۽ تنهنجي نيڪ اولاد ۽ زالون جنت ۾ پنهنجو ٺڪاڻو نه ڏسي وٺن. (مسند احمد، 479/5، حديث: 16215 ملتقطًا)

## 4 ارب 90 ڪروڙ

الله پاڪ جي آخري نبي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: منهنجي امت مان ستر هزار بغير حساب جي جنت ۾ داخل ٿيندا ۽ انهن جي صدقي هر هڪ سان ستر هزار ٻيا به هوندا ۽ رب انهن سان گڏ ٽي جماعتون ٻيون به موڪليندو، خبر نه آهي ته هر جماعت ۾ ڪيترا هوندا، ان جو شمار فقط اُهو ئي ڄاڻي ٿو.

(مسند امام احمد، 419/1، حديث: 1706، ترمذي، 198/4، حديث: 2445)

اي عاشقانِ رسول! الله پاڪ جي رحمت ۽ سندس فضل ۽ ڪرم تان قربان، جنهن پنهنجي پياري پياري آخري نبي مڪي مدني محمد عربي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي صدقي اسان غلامانِ مصطفيٰ کي ڪيترين ئي سعادتن سان نوازيو آهي. اي ڪاش! اسان جو شمار به انهن خوش نصيب بغير حساب ۽ ڪتاب جي جنت ۾ داخل ٿيڻ وارن ۾ ٿي وڃي جوته اسان وٽ نيڪي جي ”ن“ جو نقطو به نه آهي. الله پاڪ ڪرم فرمائي ته اسان گنهگارن جي به بخشش ٿي ويندي. اسان اُمّتِ مصطفيٰ ۾ پيدا ٿيڻ تي سندس شڪريو ادا ڪريون ٿا، چو ته جيڪو الله پاڪ جي نعمتن جو شڪر ادا ڪندو آهي، ته الله پاڪ کيس پنهنجين نعمتن سان اجان وڌيڪ نوازيندو آهي.

شکر ادا ہو کیونکر تیرا پیارے نبی کی اُمّت میں  
مجھ سے نکمّے کو بھی پیدا تو نے اے رحمٰن کیا

(وسائلِ بخشش، ص196)

# سٺو گمان سٺو نتيجو

اسان الله پاڪ ۾ سٺو گمان رکون ٿا ته هو فقط پنهنجي فضل ۽ ڪَرم سان اسان کي ضرور بغير حساب ۽ ڪتاب جي بخشي ڇڏيندو. جو ته حديثِ قدسي ۾ الله پاڪ پاڻ ارشاد فرمايو آهي: اَنَا عِنْدَ ظَنِّ عَبْدِی بِیْ **ترجمو:** مان پنهنجي ٻانهي جي گمان (مطابق ساڻس معاملو ڪندو آهيان) سان گڏ آهيان. (بخاري، 574/4، حديث: 7505) يعني الله پاڪ جي باري ۾ جيڪو شخص جهڙو گمان رکندو، الله پاڪ ان سان اهڙو ئي معاملو فرمائيندو. اسان سندس ذات پاڪ کان اميد ٿا ڪريون ته هو پنهنجي محبوب ڪريم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي صدقي ضرور اسان کي پنهنجي رحمت سان بغير حساب ۽ عتاب جي جنت الفردوس ۾ داخل فرمائيندو.

نہ کرنا حشر میں پُرسش مِری ہو بے سبب بخشش　　عطا کر باغِ فردوس از پئے شاہِ اُمَم مولیٰ

(وسائل بخشش، ص97)

اعليٰ حضرت امام احمد رضا خان کي پنهنجي آقا ۽ موليٰ محمد رسول الله صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي ڪَرم تي ڪيڏي نه آس ۽ اميد آهي، جو پاڻ لکن ٿا:

ہے یہ امّید رضاؔ کو تِری رحمت سے شہا　　نہ ہو زِندانیِ دوزخ تِرا بندہ ہو کر

(حدائقِ بخشش، ص70)

لفظن جي معنيٰ: **شَها:** بادشاهه، **زنداني:** قيدي

**شرح ڪلامِ رضا:** يا رسول الله صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم! مان اوهان جي در جو غلام آهيان ۽ جيڪو اوهان جو غلام هجي، سو ڀلا ڪيئن جهنم ۾ ويندو، ڇاڪاڻ ته الله پاڪ جي بارگاهه ۾ اوهان جو وڏو مقام، مرتبو، شان ۽ شوڪت آهي، تنهنڪري مون کي هن اعزاز ۽ اڪرام ۾ اها اميد آهي ته مان جهنم ۾ نه ويندس ۽ اوهان جي شفاعت سان جنت ۾ نڪاڻو ٿيندو.

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیب ❀❀❀ صَلَّی اللّٰہُ علٰی مُحَمَّد

# بغير حساب جي جنت ۾ داخل ڪرائڻ وارن عملن جو بيان

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! هاڻي ڪجهه انهن نيڪ عملن جو بيان ڪجي ٿو، جن جي ڪرڻ سان حديث پاڪ ۾ زبانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مان بغير حساب ۽ ڪتاب جي جنت ۾ داخل ٿيڻ جون خوشخبريون ٻڌايون ويون آهن. اللّٰه پاڪ اسان کي اخلاص ۽ استقامت سان پنهنجي رضا جي مطابق نيڪ ڪم ڪرڻ جي توفيق عطا فرمائي ۽ بغير حساب ۽ ڪتاب جي جنت الفردوس ۾ داخل ٿيڻ نصيب فرمائي. اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيِّيْن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم.

## ﴿1﴾ شانِ اولياء (رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْهِم)

اللّٰه پاڪ جي رحمت واري نبي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: جڏهن اللّٰه پاڪ اڳين ۽ پوين کي هڪ ڪليل ميدان ۾ گڏ ڪندو، تہ هڪ منادي (يعني اعلان ڪرڻ وارو) عرش جي هيٺان کان پڪاريندو: اللّٰه ڪريم جي معرفت (يعني سڃاڻپ) رکڻ وارا ڪٿي آهن؟ ڀلائي ڪرڻ وارا ڪٿي آهن؟ ماڻهن مان هڪ ٽولو اٿندو ۽ رب ڪريم جي بارگاهہ ۾ اُٿي بيهندو. اللّٰه پاڪ پڇا فرمائيندو (جڏهن تہ هو چڱي ريت ڄاڻي ٿو) تہ اوهان ڪير آهيو؟ اهي عرض ڪندا: اسان تنهنجي معرفت رکڻ وارا آهيون، جن کي تون پنهنجي معرفت عطا فرمائي ۽ ان لائق بڻايو. اللّٰه ڪريم ارشاد فرمائيندو: توهان سچ چيو. پوءِ فرمائيندو: اوهان تي ڪا پڇا ڳاڇا نہ آهي، منهنجي رحمت سان جنت ۾ داخل ٿي وڃو. سرڪارِ مدينہ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: رب ڪريم انهن کي قيامت جي هولناڪين کان محفوظ رکندو. (التذكرة للقرطبي، ص: 360)

اللّٰه پاڪ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب مغفرت ٿئي. اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيِّيْن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم.

مجھے اولیا کی مَحبّت عطا کر تُو دیوانہ کر غوث کا یاالٰہی

(وسائلِ بخشش، ص106)

# ﴿3،2﴾ شهيدَ ۽ معاف ڪرڻ وارا

ٻنهي جهانن جي سردار صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو فرمانِ عاليشان آهي: جڏهن ٻانهن کي حساب ڪتاب جي لاءِ بيهاريو ويندو تہ ڪجھ ماڻهو پنهنجون تلوارون پنهنجين ڳچين تي رکي ڪٽي ايندا، جن مان رت ٽمِي رهيو هوندو. اهي ماڻهو جنت جي دروازي تي هڪ ميڙ جي صورت ۾ گڏ ٿيندا. پڇيو ويندو: اِهي ڪير آهن؟ ٻڌايو ويندو تہ هي شهيدَ آهن، جيڪي جيئرا هئا، کين رزق ڏنو ويندو هو. پوءِ هڪ منادي (يعني اعلان ڪرڻ وارو) پڪاريندو: جنهن جو اجر اللّٰه پاڪ جي ذِمي آهي، اُهو اُٿي ۽ جنت ۾ داخل ٿي وڃي. پڇيو ويندو: اهي ڪير آهن، جن جو اجر اللّٰه ڪريم جي ذمي آهي؟ منادي چوندو: ماڻهن کي درگزر ڪرڻ وارا. منادي ٻيهر پڪاريندو: جنهن جو اجر رب ڪريم جي ذمي آهي، اهو اٿي ۽ جنت ۾ داخل ٿي وڃي. ڪوئي پڇندو: اهو ڪير آهي، جنهن جو اجر اللّٰه پاڪ جي ذمي آهي؟ منادي چوندو: ماڻهن کي درگذر ڪرڻ وارا. پوءِ ٽيون ڀيرو ندا ڏيندو: جنهن جو اجر اللّٰه ڪريم جي ذمي آهي، اهو اٿي ۽ جنت ۾ داخل ٿي وڃي. تہ هزارين ماڻهو اٿي بيهندا ۽ بغير حساب ڪتاب جي جنت ۾ داخل ٿي ويندا. (معجم اوسط، 542/1، حديث: 1998)

اللّٰه پاڪ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب مغفرت ٿئي. اٰمِين بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِیّٖن صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم.

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! ڪجھ ماڻهن جو مزاج ماچيس جي تيليءَ جهڙو هوندو آهي ٿوري رڳڙ تي ڀڙڪي پوندا آهن. ڪاوڙ ۾ انسان جذبات ۾ اچي صحيح ۽ غلط جي تميز (يعني فرق) وساري ويهندو آهي. غصي جي حالت ۾ ڪنهن پُرسڪون مقام، جهڙوڪ مڪي مديني، خانہ ڪعبہ يا سبز سبز گنبد شريف جو تصور ڪريو، هي تصور جيئن جيئن وڌندو ويندو، تيئن تيئن اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! توهان جو غصو گهٽجندو ويندو، ڪوئي توهان کي ڪيترو بہ ستائي، دل ڏکائي، عفو ۽ درگذر کان ڪم وٺو ۽ ان سان محبت ڀريو سلوڪ ڪرڻ جي ڪوشش ڪيو. ڪاش! اسان جي اندر اهو جذبو پيدا ٿي وڃي تہ اسان پنهنجي ذات ۽ نفس جي خاطر غصو ڪرڻ ئي ڇڏي ڏيون

۽ الله پاڪ اسان کي پنهنجي رحمت سان بغير حساب جي جنت ۾ داخل ٿيڻ وارن ۾ شامل ڪري ڇڏي.

تُو بے حساب بخش کہ ہیں بے شمار جُرم　　دیتا ہوں واسِطہ تجھے شاہِ حِجاز کا

(ذوقِ نعت، ص18)

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب ❀❀❀ صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## ﴿4 کان 6﴾ الله پاڪ جو هر حال ۾ شڪر ڪرڻ وارن، تهجد گذارن ۽ نيڪ واپارين جي لاءِ خوشخبري

پنهنجي امت سان پيار ڪرڻ واري پياري پياري آقا صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: الله پاڪ قيامت جي ڏينهن ماڻهن کي اهڙي ڪليل ۽ هموار ميدان ۾ گڏ ڪندو، جتي پڪارڻ واري جي پڪار سيني کي ٻڌڻ ۾ ايندي ۽ ڏسڻ واري جي نگاهه هر ڪنهن تائين پهچندي. پوءِ هڪ منادي اٿي بيهي پڪاريندو: ڪٿي آهن اهي ماڻهو، جيڪي خوشحالي ۽ تنگدستي ۾ الله پاڪ جي حمد (يعني تعريف) ڪندا هئا؟ ڪجهه ماڻهو اٿندا ۽ بغير حساب ڪتاب جي جنت ۾ داخل ٿي ويندا. منادي ٻيهر پڪاريندو: ڪٿي آهن اهي ماڻهو، جن جون پُٺِيُون بسترن کان جدا رهنديون هيون؟ وري ڪجهه ماڻهو اٿندا ۽ اهي به بغير حساب جي جنت ۾ داخل ٿي ويندا. پڪارڻ وارو ٽيون ڀيرو پڪاريندو: ڪٿي آهن اهي ماڻهو، جن کي ڪو به واپار، خريد وفروخت الله ڪريم جي ياد کان غافل نہ ڪندو هو؟ ٽيون ڀيرو به ڪجهه ماڻهو اٿندا ۽ اهي به بغير حساب ڪتاب جي جنت ۾ داخل ٿي ويندا. بقايا سموري مخلوق بيٺي رهندي ۽ انهن کان حساب ڪتاب ورتو ويندو. (ڪتاب الزهد لهناد، ص: 134، حديث: 176)

الله پاڪ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب مغفرت ٿئي. اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم.

شکرِ خالق کس طرح سے ہو ادا　　اِک زباں اور نعمتیں بے اِنتہا

(ذوقِ نعت، ص312)

## ڪامياب واپاري (Business Man)

جيڪي واپاري ڪم ڪار دوران نماز جو وقت اچڻ تي ڪم ڪار ڇڏي نماز لاءِ روانا ٿيندا آهن ۽ الله پاڪ جي راهه ۾ پنهنجي زڪوات ڏيندا آهن، انهن جي باري ۾ قرآن ڪريم ۾ ارشاد ٿئي ٿو:

﴿ رِجَالٌ ۙ لَّا تُلْهِيْهِمْ تِجَارَةٌ وَّ لَا بَيْعٌ عَنْ ذِكْرِ اللّٰهِ وَ اِقَامِ الصَّلٰوةِ وَ اِيْتَآءِ الزَّكٰوةِ ۙ ﴾

(پارو: 18، سورة النور: 37)

**ترجمو ڪنزالعرفان:** اهي مرد جن کي واپار، خريد ۽ وڪرو الله جي ذڪر، نماز قائم ڪرڻ ۽ زڪوات ڏيڻ کان غافل نه ڪندا آهن.

حضرت عبد الله بن عمر رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُمَا بازار ۾ هئا، مسجد ۾ نماز جي لاءِ اقامت چئي وئي ته پاڻ رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ ڏٺائون ته بازار وارا اٿيا ۽ دڪان بند ڪري مسجد ۾ داخل ٿي ويا. اهو ڏسي پاڻ رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ فرمايائون ته آيت "رِجَالٌ ۙ لَّا تُلْهِيْهِمْ" اهڙن ماڻهن جي ئي حق ۾ آهي. (تفسير ابن ابي حاتم، پارو: 18، النور، تحت الآية: 37، 2607/8)

سُبْحٰنَ الله! انهن مقدس هستين جي نظر ۾ نماز جي اهميت عملي طور تي واپار، ڪاروبار ۽ دڪانداري کان وڌيڪ هئي، تنهنڪري ئي اهي اقامت جو آواز ٻڌڻ سان ئي سڀ ڪجهه بند ڪري نماز لاءِ حاضر ٿي ويندا هئا. پر اڄڪلهه جي مسلمانن جو حال سيني کي معلوم آهي ته دڪان جي پرسان مسجد هجڻ جي باوجود جماعت سان نماز پڙهڻ جي لاءِ حاضر ٿيڻ بدران پنهنجي دڪانداري ۾ مشغول رهندا آهن ۽ ان ڪري به نماز لاءِ حاضر نه ٿيندا ته دڪان بند ڪرڻ جي صورت ۾ جيڪڏهن ڪو گراهڪ واپس هليو ويو ته نقصان ٿي ويندو. الله پاڪ انهن کي نماز جي اهميت سمجهڻ ۽ وقت تي جماعت سان ادا ڪرڻ جي توفيق عطا فرمائي.

حضرت امام محمد بن احمد ذَهَبي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه لکن ٿا ته ڪجهه علماءِ ڪرام رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْهِم فرمائن ٿا: جيڪڏهن واپار جي مصروفيت سبب نماز ڇڏيندو ته اهو بي‌نمازي واپاري قيامت جي ڏينهن مڪي مڪرم جي سڀ کان وڏي ڪافر تاجر ابي بن خلف سان گڏ اٿاريو ويندو. (ڪتاب الڪبائر، ص: 21)

عمر میں چھوٹی ہے گر کوئی نماز جلد ادا کر لے تُو آ غفلت سے باز

(وسائلِ بخشش، ص713)

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیب صَلَّی اللّٰہُ علٰی مُحَمَّد

## (7 کان 9) درگذر ڪرڻ وارن ۽ صبر ڪرڻ وارن جو انعام

مصطفيٰ جانِ رحمت صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم فرمايو: جڏهن رب ڪريم قيامت جي ڏينهن مخلوق کي جمع ڪندو تہ هڪ منادي پڪاريندو: فضل وارا ڪٿي آهن؟ ڪجهہ ماڻهو اٿندا، پر اهي تمام ٿورا هوندا، اهي تيزيءَ سان جنت ڏانهن روانا ٿيندا. فرشتا سندن استقبال ڪندي چوندا: اسان اوهان کي جنت ڏانهن تيزيءَ سان ويندي ڏسي رهيا آهيون، اوهان ڪير آهيو؟ اهي چوندا: اسان فضل وارا آهيون. فرشتا پڇندا: توهان جو فضل ڪهڙو هو؟ جنهن جي جواب ۾ هُو چوندا تہ جڏهن اسان تي ظلم ڪيو ويندو هو تہ اسان صبر ڪندا هئاسين، جڏهن ڪو اسان سان برائيءَ سان پيش ايندو هو تہ اسان درگذر کان ڪم وٺندا هئاسين ۽ جڏهن اسان سان جاهلانہ سلوڪ ڪيو ويندو هو تہ اسان برداشت ڪندا هئاسين. انهن کي چيو ويندو: جنت ۾ داخل ٿي وڃو! عمل ڪرڻ وارن جي لاءِ ڪيڏو نہ بهترين اجر آهي. پوءِ هڪ منادي پڪاريندو: صبر ڪرڻ وارا ڪٿي آهن؟ ڪجهہ ماڻهو اٿندا، جيڪي تمام ٿورا هوندا، اهي تيزيءَ سان جنت ڏانهن روانا ٿيندا. فرشتا انهن جو استقبال ڪندي چوندا: اسان توهان کي جنت ڏانهن تيزيءَ سان ويندي ڏسي رهيا آهيون، اوهان ڪير آهيو؟ اهي چوندا: اسان صبر ڪرڻ وارا آهيون. فرشتا پڇندا: اوهان جو صبر ڪهڙو هو؟ اهي چوندا: اسان الله پاڪ جي اطاعت ۽ سندس نافرمانين تي صبر ڪندا هئاسين (يعني اطاعت تي قائم رهندا هئاسين ۽ نافرمانين کان بچندا هئاسين). انهن کي بہ چيو ويندو: جنت ۾ داخل ٿي وڃو! عمل ڪرڻ وارن جي لاءِ ڪيڏو نہ بهترين اجر آهي.

## الله پاڪ جي خاطر محبت ڪرڻ وارا

پوءِ هڪ منادي پڪاريندو: الله ڪريم جي لاءِ هڪ ٻئي سان محبت ڪرڻ وارا ڪٿي آهن؟ وري بہ ٿورا ماڻهو اٿندا، اهي بہ تيزيءَ سان جنت ڏانهن

روانا ٿيندا. فرشتا سندن استقبال ڪندي چوندا: اسان اوهان کي جنت ڏانهن تيزيءَ سان ويندي ڏسي رهيا آهيون، توهان ڪير آهيو؟ اهي چوندا: اسان رب ڪريم جي لاءِ هڪ ٻئي سان محبت ڪندا هئاسين. فرشتا چوندا: توهان جي هڪ ٻئي سان محبت ڪهڙي هئي؟ اهي چوندا: اسان هڪ ٻئي سان الله پاڪ جي لاءِ محبت ڪندا هئاسين، ان جي خاطر ملاقاتون ڪندا هئاسين، ان جي خاطر هڪ ٻئي سان نرميءَ سان پيش ايندا هئاسين ۽ ان جي لاءِ ئي هڪ ٻئي تي خرچ ڪندا هئاسين. فرشتا انهن کي چوندا: جنت ۾ داخل ٿي وڃو! عمل ڪرڻ وارن جي لاءِ ڪيڏو نه بهترين اجر آهي.

رسول الله صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: الله ڪريم انهن جي جنت ۾ داخل ٿيڻ کان پوءِ حساب ڪتاب لاءِ ميزان رکندو. (المطالب العاليه: 617/18، حديث: 4588)

بے سبب بخش دے نہ پوچھ عمل نام غفّار ہے ترا یارب
(ذوقِ نعت،ص84)

## جنت جي خوشخبري ٻڌائي (واقعو)

حضرت ابو هريره رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُ بيان ڪن ٿا ته هڪ بيمار عورت (جنهن تي جنون جي ڪيفيت طاري ٿيندي هئي) بارگاهِ رسالت ۾ عرض ڪيو: يارسول الله صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! منهنجي حق ۾ دعا فرمايو. ارشاد فرمايائون: جيڪڏهن تون چاهين ته مان تنهنجي لاءِ رب ڪريم جي بارگاهه ۾ دعا ڪريان ته هو توکي شفا ڏئي ۽ جيڪڏهن تون چاهين ته صبر ڪر ۽ قيامت ۾ توکان حساب نه ورتو وڃي. اهو ٻڌي اُن عورت عرض ڪيو: مان صبر ڪنديِس، مون کان ڪو به حساب ڪتاب نه ورتو وڃي. (الاحسان بترتيب صحيح ابن حبان: 248/4، حديث: 2698)

## (10) نابينن جي لاءِ خوشخبري

الله پاڪ جي عطا سان غيب جون خبرون ٻڌائڻ واري پياري ۽ آخري نبي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: دين وڃڻ کان پوءِ ٻانهي جي لاءِ سڀ کان وڏي آزمائش جنهن ۾ ڪيس مبتلا ڪيو ويندو آهي، اها بينائي جو وڃڻ آهي. بس جنهن صبر ڪيو ۽ الله پاڪ سان ان ئي حالت ۾ ملاقات جو شرف حاصل

ڪيو، تنهن کان ڪو حساب نہ ورتو ويندو. (مسندِ بزار: 244/10، حديث: 4342)

حضرت علامہ علي قاري رَحۡمَۃُاللّٰہِعَلَیۡہ فرمائن ٿا: ڪجھ روايتن ۾ هڪ اک جي بينائي ختم ٿيڻ تي بہ اها فضيلت آيل آهي. اکين جو خاص طور تي ذڪر ان ڪري ڪيو ويو آهي جو انسان کي پنهنجي حواسن مان انهن ٻن کان وڌيڪ ٻي ڪا بہ شيءِ عزيز نہ هوندي آهي. حِبْرُالْاُمَّۃ (يعني امت جا تمام وڏا عالم) حضرت عبد الله بن عباس رَضِیَاللّٰہُعَنۡہُما جڏهن نابينا ٿيا تہ هي شعر پڙهندا هئا:

اِنۡ يُّذۡهِبِ اللهُ مِنۡ عَيۡنَیَّ نُوۡرَ هُمَا  فَفِیۡ لِسَانِیۡ وَقَلۡبِی لِلۡهُدٰی نُوۡرٌ

**ترجمو:** جيڪڏهن الله پاڪ منهنجي اکين جو نور کسي ورتو تہ ڇا ٿي پيو؟ منهنجي زبان ۽ دل ۾ تہ هدايت جو نور موجود آهي.

(مرقاة المفاتيح: 28/4، تحت الحديث: 1549)

## اکين جو ضايع ٿيڻ ناراضگيءَ جو سبب نہ آهي

حضرت ابو الحسن علي بن خَلف ابن بطّال رَحۡمَۃُاللّٰہِعَلَیۡہ فرمائن ٿا: دنيا ۾ ڪنهن مسلمان جو نابينا ٿي وڃڻ الله پاڪ جو ڪانئس ناراض ٿيڻ جي ڪري نہ آهي، پر الله پاڪ ساڻس ڀلائيءَ جو ارادو ڪندو آهي. يا تہ ان ڪان ڪا اهڙي خراب شيءِ دور ڪندو آهي، جنهن جو سبب سندس اکيون بڻجن ها ۽ آخرت ۾ ڪيس اهڙو عذاب ملي ها جو ان تي صبر نہ ڪري سگهي ها، يا ان جا اهڙا اڳوڻا گناهہ متائيندو آهي جو جسم جي ڪنهن اهم حصي جو ضايع ٿيڻ ئي دنيا ۾ ان جو عيوض ٿي سگهيو پَئي، تہ جيئن قيامت جي ڏينهن هو گناهن کان پاڪ ٿي پنهنجي رب ڪريم سان ملاقات ڪري، يا وري هن مصيبت جي ذريعي هو اجر جي ان درجي تائين پهچي ويندو آهي، جنهن تائين هو پنهنجي عملن جي ذريعي نہ پهچي سگهندو آهي. ٻين سمورين مصيبتن جو معاملو بہ ائين ئي آهي. تنهنڪري جنهن جون اکيون ضايع ٿي وڃن يا ڪنهن ٻئي عضوي جي ضايع ٿيڻ جي مصيبت ۾ مبتلا ڪيو ويو هجي تنهن کي گهرجي تہ هو ان مصيبت کي صبر، شڪر ۽ ثواب جي اميد سان قبول ڪري ۽ الله پاڪ جي طرفان ورتو ويندڙ امتحان تي راضي رهي،

چو تہ اُن مصيبت جي بدلي ۾ ڪيس تمام سٺو ۽ عظيم بدلو ملندو ۽ اهو جنت آهي. (شرح صحيح بخاري لابن بطال: 377/9)

## غيب جي خبر

حضرت زيد بن ارقم رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ بيان ڪن ٿا تہ الله جا حبيب صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم منهنجي عيادت جي لاءِ تشريف ڪٺي آيا ۽ ارشاد فرمايائون: هن مرض ۾ ڪجهہ تڪليف ضرور آهي، پر هي توکي نقصان نہ ڏيندو، پر ان وقت تنهنجو ڪهڙو حال هوندو جڏهن منهنجي دنيا مان پردو فرمائڻ کان پوءِ تون زنده رهندين ۽ تنهنجي نظر ضايع ٿي ويندي؟ مون عرض ڪيو: ثواب جي اميد رکندي مان صبر ڪندس. ارشاد فرمايائون: "پوءِ تہ تون بغير حساب جي جنت ۾ داخل ٿي ويندين." ۽ رسول اڪرم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي وصال کان پوءِ حضرت سيدنا زيد بن ارقم رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ نابينا ٿي ويا. (معجم ڪبير: 211/5، حديث: 5126 ملتقطاً)

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! اوهان ڏٺو تہ الله پاڪ جا محبوب صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم پنهنجي پروردگار جي عطا سان پنهنجي غلامن جي عُمرين کان بہ باخبر آهن ۽ انهن سان جيڪو ڪجهہ ٿيڻ وارو آهي، اُن کي بہ ڄاڻيندا آهن. قرآن پاڪ جي بيشمار آيتن مان سرڪارِ مدينہ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي علمِ غيب جو ثبوت ملي ٿو. هتي صرف هڪ آيتِ ڪريمہ پيش ڪئي ويندي آهي، جيئن تہ سيپارو 30 سورت التڪوير جي آيت نمبر 24 ۾ ارشاد خداوندي آهي:

وَمَا هُوَ عَلَى الْغَيْبِ بِضَنِيْنٍ (۲۴)

**ترجمو ڪنزالعرفان:** ۽ هي نبي غيب ٻڌائڻ ۾ هرگز بخيل ناهي.

سرِ عرش پر ہے تِری گُزر دلِ فرش پر ہے تِری نظر
مَلکوت و مُلک میں کوئی شے نہیں وہ جو تجھ پہ عِیاں نہیں

(حدائقِ بخشش، ص109)

## (11) سفرِ حج ۽ عمري ۾ انتقال جي فضيلت

سيني مسلمانن جي امڙ سائڻ، حضرت بي بي عائشہ صديقہ رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہا بيان

ڪن ٿيون تہ مون نبيِ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڪي ارشاد فرمائيندي ٻڌو تہ جيڪو حج يا عمري جي لاءِ پنهنجي گهر کان نڪتو ۽ رستي ۾ فوت ٿي ويو تہ ان جي پيشِي نہ ٿيندي، نہ ئي سندس حساب ٿيندو ۽ کيس چيو ويندو تہ جنت ۾ داخل ٿي وڃ. (معجم اوسط: 111/4، حديث: 5388)

طيبہ ميں مر کے ٹھنڈے چلے جاؤ آنکھيں بند    سيدھی سڑک يہ شہرِ شفاعت نگر کی ہے

(حدائقِ بخشش،ص222)

## (12) قناعت ڪرڻ واري جو انعام

رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: حساب ڪتاب جي شدت سان ان بُکي شخص کي مُنهُن نہ ڏيٽو پوندو، جنهن اجر ۽ ثواب جي اميد تي بک برداشت ڪئي هوندي. (تاريخ مدينہ دمشق: 278/6)

قليل روزی پہ دو قَناعت    فُضُول گوئی سے ديدو نفرت
دُرُود پڑھتا رہوں بکثرت    نبیِ رَحمت شَفيعِ اُمّت

(وسائلِ بخشش، ص208)

## (13 کان 15) طالبِ علم، فرمانبردار زال ۽ اولاد

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! ديني علم حاصل ڪرڻ هر مسلمان تي حسبِ حال ضروري آهي ۽ نيڪ ۽ فرمانبردار زال الله پاڪ جي طرفان عظيم تحفو آهي ۽ والدين سان سٺو سلوڪ ڪرڻ واري اولاد جي بہ ڇا ڳالهہ آهي. حديث پاڪ ۾ آهي: طالبِ علم، فرمانبردار زال ۽ والدين سان سٺو سلوڪ ڪرڻ واري اولاد نبين سڳورن عَلَيْهِمُ السَّلَام سان گڏ بي حساب جنت ۾ داخل ٿيندي. (ڪنز العمال: جز: 9، 69/5، حديث: 28824)

## (16) مسلمان جي حاجت رَوائي جي فضيلت

محبوبِ خدا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: جيڪو پنهنجي مسلمان ڀاءُ جي ضرورت پوري ڪرڻ جي لاءِ هلندو آهي، الله پاڪ ان جي هر قدم جي بدلي

۾ 70 نيڪيون سندس اعمالنامي ۾ لکندو آهي. جيڪڏهن ضرورت پوري ٿي وئي ته ضرورت پوري ڪرڻ وارو شخص گناهن کان ائين پاڪ ٿي ويندو جيئن ان ڏينهن هو، جنهن ڏينهن سندس ماءُ کيس ڄڻيو هو ۽ جيڪڏهن ضرورت پوري ڪرڻ جي دوران انتقال ڪري وڃي ته بي حساب جنت ۾ داخل ڪيو ويندو. (مسندِ ابي يعليٰ: 16/3، حديث: 2781)

مچلا ہے کہ رحمت نے اُمید بندھائی ہے      کیا بات تِری مجرم کیا بات بَنائی ہے

(حدائقِ بخشش، ص192)

## (17) اولاد جي سٺي تربيت ڪرڻ وارن جي لاءِ خوشخبري

مسلمانن جي پياري امڙ سائڻ حضرت بي بي عائشه صديقه رَضِیَ اللہُ عَنْہا بيان ڪن ٿيون ته رسولِ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: جنهن ڪنهن ٻار جي پرورش ڪئي، ايسيتائين جو هو ”لَآاِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ“ چوڻ لڳي (يعني توحيد ۽ رسالت جي گواهي ڏيڻ لڳي) ته رب ڪريم ان تربيت ڪرڻ واري کان حساب نه وٺندو. (معجم اوسط: 370/3، حديث: 4865)

**شرح حديث:** يعني هن عمل جي بدلي ۾ کيس بغير ڪنهن حساب جي جنت ۾ موڪليو ويندو، وڌيڪ هي ته ”حساب نه ٿيڻ“ مان مراد اهو به ٿي سگهي ٿو ته سندس حساب آسان ٿيندو ۽ سلامتيءَ تي ختم ٿيندو، تنهنڪري حساب ۾ ڪو نقصان يا مشقت نه ٿيڻ جي ڪري ان کي مبالغي طور ”بنا حساب“ جي لفظن سان بيان فرمايو ويو. (فيض القدير: 174/1، تحت الحديث: 8696)

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیب ❀❀❀ صَلَّى اللهُ علىٰ مُحَمَّد

اي عاشقانِ رسول! اولاد جي صحيح تربيت ڪرڻ والدين جي ذميواري آهي. عام طور تي ڏٺو ويو آهي ته والدين ٻار جي تربيت جو حق صحيح طريقي سان ادا نه ڪندا آهن ۽ کيس ننڍپڻ ۾ سٺي ۽ بُري جو فرق نه سيکاريندا آهن. جڏهن اها ئي اولاد وڏي ٿيندي آهي ته پوءِ اهي ئي والدين پنهنجي اولاد جي نافرمانيءَ جون شڪايتون ڪندا رهندا آهن. تنهنڪري والدين کي گهرجي ته ننڍپڻ کان ئي پنهنجي اولاد جي تربيت شريعت ۽ سنت

جي مطابق ڪن. ٻار سمجهي ان ڪي آزاد نہ ڇڏي ڏين ۽ نہ ئي ايئن ڇئي سندس تربيت کي نظرانداز ڪن تہ ”اجا تہ ٻار آهي، وڏو ٿيندو تہ پاڻ ئي سمجهي ويندو“. جيڪي پنهنجي اولاد جي تربيت تي خاطرخواهہ توجهہ نہ ڏيندا آهن، انهن کان دنياوي تعليم بابت تہ پڇا ڳاڇا ڪندا آهن، پر اولاد نماز پڙهي يا نہ پڙهي ان جي بلڪل بہ پرواهہ نہ ڪندا آهن، پوءِ اهي ئي بعد ۾ افسوس ڪندا نظر ايندا آهن. ياد رکو! اولاد جي تربيت صرف ان شيءِ جو نالو نہ آهي تہ انهن کي دنياوي تعليم ڏياري وڃي ۽ سندن لاءِ کاڌي، پيتي، اَٿي ۽ لَٿي وغيره جو انتظام ڪيو وڃي، پر کين الله پاڪ ۽ ان جي رسول صَلَّی اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانبردار بڻائڻ جي ڪوشش ڪرڻ بہ والدين جي ذميوارين ۾ شامل آهي.

## اولاد جي باري ۾ پڇاڻو ڪيو ويندو

حضرت عبد الله بن عمر رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُمَا هڪ شخص کي فرمايو: پنهنجي ٻار جي سٺي تربيت ڪريو ڇوتہ توهان کان توهان جي اولاد جي باري ۾ پڇيو ويندو تہ توهان انهن جي ڪهڙي تربيت ڪئي ۽ توهان کين ڇا سيکاريو؟


(شعب الايمان: 6/400، حديث: 8662 ملخصاً)

يارب بچالے تو مجھے نارِ جَحِیم سے  اولاد پر بھی بلکہ جہنم حرام ہو

(وسائل بخشش، ص310)

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب ❀❀❀ صَلَّى اللّٰهُ علٰى مُحَمَّد

## ايندڙ هفتي جو رسالو




فیضانِ مدینہ محلہ سوداگران، پرانی سبزی منڈی کراچی
UAN +92 21 111 25 26 92 0313-1139278
www.maktabatulmadinah.com / www.dawateislami.net
feedback@maktabatulmadinah.com / ilmia@dawateislami.net